# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريه 2019

# SINDH ACT NO.V OF 2019

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 2019

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 2019

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 10 جي ترميم

Amendment of section 10 of Sindh Act No.XLII of 2013

3. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 27 جي ترميم

Amendment of section 27 of Sindh Act No.XLII of 2013

4. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 38 جي ترميم

Amendment of section 38 of Sindh Act No.XLII of 2013

5. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 53 جي ترميم

Amendment of section 53 of Sindh Act No.XLII of 2013

6. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 58 جي ترميم

Amendment of section 58 of Sindh Act No.XLII of 2013

7. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 59 جي ترميم

Amendment of section 59 of Sindh Act No.XLII of 2013

8. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 62 جي ترميم

Amendment of section 62 of Sindh Act No.XLII of 2013

# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريه 2019

# SINDH ACT NO.V OF 2019

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 2019

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 2019

[27 فيبروري 2019]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته مڪاني حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 2019 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 10 جي ترميم

2.سنڌ مڪاني حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 10 ۾، لفظن

| | |
|---|---|
| "تڪن جي حدبندي ايڪٽ، 1974" لاءِ لفظ "اليڪشنز ايڪٽ، 2017" متبادل هوندا. | Amendment of section 10 of Sindh Act No.XLII of 2013 |
| 3.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 27 ۾، ذيلي دفعه (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:<br><br>"(1) ميئر، ڊپٽي ميئر، چيئرمين يا وائيس چيئرمين سواءِ يونين ڪميٽي ۽ يونين ڪائونسل جي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين جي، عهدي تان هٽايا ويندا، جيڪڏهن سندس خلاف لاڳاپيل ڪائونسل جي ڪل ميمبرز جي عام اڪثريت سان بي اعتمادي جو ووٽ پاس ڪيو وڃي. | 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 27 جي ترميم<br>Amendment of section 27 of Sindh Act No.XLII of 2013 |
| 4.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 38 ڪي دفعه (1)38 طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين نئين ذيلي دفعه (2) شامل ڪئي ويندي:<br><br>"(2) چونڊ پروگرام جاري ٿيڻ بعد ۽ واپس آيل اميدوارن جي نالن جي سرڪاري گزيٽ ۾ شايع ٿيڻ تائين، ڪا به حڪومت يا اٿارٽي ڪميشن جي تحريري منظوري کانسواءِ اليڪشن جي سلسلي ۾ مقرري يا مقرر ڪيل ڪنهن عملدار کي مقرر يا بدلي نه ڪندي، جنهن ۾ پوسٽنگ يا بدلي جو فيصلو شامل آهي، جنهن تي عملدرآمد نه ڪيو ويو آهي ۽ ڪميشن پاڻ ئي اهڙي ڪنهن حڪومت يا ڪنهن | 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 38 جي ترميم<br>Amendment of section 38 of Sindh Act No.XLII of 2013 |

عملدار جي پوسٽنگ يا بدلي لاءِ ضروري هدايتون جاري ڪري سگهجن ٿيون.”.

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 53 جي ترميم
Amendment of section 53 of Sindh Act No.XLII of 2013

5.چاٽايل ايڪٽ جي دفعه 53 لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

“53.ووٽن جي برابر ٿيڻ جي صورت ۾ فيصلو. (1) ڪائونسل جي چونڊ جي صورت ۾، ٻڏٽي جي پوري ٿيڻ ڪانپوءِ چونڊ وڙهندڙ اميدوارن وچ ۾ ووٽ برابر ٿيڻ جي صورت ۾، اليڪشن ٽربيونل ٻنهي اميدوارن جي ريٽرنڊ اميدوارن طور اعلان ڪندي ۽ ٻنهي مان هر هڪ پنهنجي تڪ ۾ ڪائونسل ۾ اڌ مدي تائين نمائندگي ڪندو.

(2)اليڪشن ٽربيونل واپس آيل اميدوار جي سلسلي ۾ هڪ پُڪو ڪيڏندو جنهن جو ذيلي دفعه (1) ۾ حوالو ڏنو ويو آهي ته جيئن ان ڳالهه جو تعين ڪري سگهجي ته ڪير پنهنجي عهدي جي مدت جي پهرين اڌ لاءِ ڪائونسل جي ميمبر طور ڪم ڪندو ۽ ڪنهن به واپس آيل اميدوار ڪي نظر هيٺ رکندو، جيڪو چونڊ بعد ڪائونسل ميمبر طور ڪم ڪري چڪو هجي.

(3)ذيلي دفعه (2) تحت پُڪو ڪيڻ کان اڳ اليڪشن ٽربيونل انهن مقابلو ڪندڙ اميدوارن کي نوٽيس جاري ڪندي، جن وچ ۾ ووٽن جي برابري ٿي هجي ۽ اهڙي تاريخ، وقت ۽ هنڌ تي پکو ڪيندي، جيئن نوٽيس ۾ بيان ڪيو ويو هجي:

بشرطيڪ جيڪڏهن مقابلو ڪندڙ اميدوار انهن وچ ۾

ووٽن جي برابري وقت موجود هجن، اليڪشن ٽربيونل انهن کي نوٽيس ڏيڻ کانسواءِ ٿي انهن جي سامهون پڪو ڪيندي.

(4) اليڪشن ٽربيونل هن دفعہ تحت پکن ڪيڻ جي ڪارروائي جو رڪارڊ رکندي ۽ اهڙن اميدوارن ۽ انهن جي ايجنٽن کان صحيحون حاصل ڪندي، جيڪي ڪارروائي ۾ موجود هجن ۽ جيڪڏهن اهڙا ماڻهو صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪن، تہ اهڙي حقيقت رڪارڊ ڪئي ويندي.

(5) ذيلي دفعہ (1) تحت اعلان ملڻ تي ڪميشن سرڪاري گزيٽ ۾ اميدوارن جو نالو نوٽيفاءِ ڪندي، جنهن جو پُڪو ذيلي دفعہ (2) تحت نڪتو هجي.

(6) ڪارروائي جي اختتام تي جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ مقابلو ڪندڙ اميدوارن وچ ۾ ووٽن جي برابري ٿئي تہ اليڪشن ٽربيونل تڪ ۾ تازي چونڊ جو حڪم ڪندي اهڙي تاريخ تي جيڪا ڪميشن طرفان بعد ۾ طئي ڪئي ويندي، جيڪا اليڪشن ٽربيونل جي حڪم کان سٺ ڏينهن کانپوءِ نہ هوندي".

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 58 جي ترميم
Amendment of section 58 of

6. چاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 58 لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"58. غير ضروري اثر رسوخ. اهو شخص غير ضروري اثر رسوخ استعمال ڪرڻ جو ڏوهي هوندو، جيڪڏهن اهو:

(a) ڪنهن بہ شخص کي ووٽ وجهڻ يا ووٽ ڏيڻ کان

Sindh Act No.XLII of 2013

باز رکڻ لاءِ، يا پاڻ کي اميدوار طور پيش ڪرڻ، يا پنهنجي اميدواري واپس وٺڻ يا اليڪشن وڙهڻ کان رٽائر ٿيڻ لاءِ، سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت، پاڻ يا ڪنهن ٻئي شخص طرفان:

(i) ڪنهن طاقت، تشدد يا رڪاوٽ ڪري ٿو يا ڪرڻ لاءِ ڌمڪائي ٿو؛

(ii)ڪو زخم، نقصان، هارم يا لاس پهچائي ٿو يا پهچائڻ لاءِ ڌمڪائي ٿو؛

(iii)الاهي ناراضگي يا ڪنهن بزرگ يا پير جي ناپسنديدگي ڪري ٿو يا ڪرڻ لاءِ ڌمڪائي ٿو؛

(iv)ڪا مذهبي سزا ڏئي ٿو يا ڏيڻ لاءِ ڌمڪائي ٿو؛

(v)ڪو سرڪاري اثر رسوخ يا سرڪاري سرپرستي استعمال ڪري ٿو يا استعمال ڪرڻ لاءِ ڌمڪائي ٿو؛

(vi)پاڪستان جي آرمڊ فورسز کي بدنام ڪري ٿو؛ يا

(vii)ڪنهن عورت کي چونڊ وڙهڻ يا پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪرڻ کان روڪي ٿو.

(b)ڪو به شخص جنهن ووٽ ڏنو هجي يا ووٽنگ کان روڪيو ويو هجي، يا پاڻ کي اميدوار طور آڇيو هجي، يا پنهنجي نامزدگي تان هٿ ڪنيو هجي يا رٽائر ٿيو هجي، شق (a) ۾ ڄاڻايل قدمن مان ڪو

ٻه ڪيو هجي؛

(c) سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت، پاڻ يا سندس طرفان ڪو ٻيو شخص:

(i) مذهبي عبادت جي ڪا جڳهه استعمال ڪري ٿو، يا مذهبي رسمن جي ادائگي لاءِ مخصوص ڪا جڳهه چونڊڻ ۾ يا مخصوص اميدوار لاءِ ووٽ ڏيڻ لاءِ يا ووٽ کان منع ڪرڻ جي مقصد لاءِ استعمال ڪري ٿو؛ يا

(ii) ذيلي شق (i) ۾ ڄاڻايل ڪن ٻه مقصدن لاءِ ڳالهايل يا لکيل لفظن ذريعي، يا اشارن يا ظاهري پيشڱي ذريعي، ڪجهه شايع ڪري ٿو يا اسلام جي شان جي خلاف ڪجهه ڪري ٿو، يا پاڪستان يا پاڪستان جي ڪجهه حصي جي سالميت، سڪيورٽي يا دفاع خلاف ڪجهه ڪري ٿو؛ يا

(d) اغوا، زبردستي يا ڪنهن دوکي جي اوزار سان يا سازش ذريعي:

(i) ووٽر طرفان راءِ ڏيڻ جي حق جي آزاداڻي استعمال ۾ رڪاوٽ وجهي ٿو يا روڪي ٿو؛ يا

(ii) ڪنهن ووٽر کي ووٽ ڏيڻ لاءِ دٻاءُ وجهي ٿو، راضي ڪري ٿو يا روڪي ٿو يا ووٽ ڏيڻ کان جهلي ٿو.

وضاحت: هن دفعه ۾ نقصان ۾ شامل آهي

ڪنهن ذات يا برادري مان سماجي بيدخلي
يا نيڪال يا خارج ڪرڻ".

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 59 جي ترميم
Amendment of section 59 of Sindh Act No.XLII of 2013

7.جاٽايل ايڪٽ جي دفعه 59 لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"59. غير قانوني مشق. (1) ڪو شخص غير قانوني مشق جي ڏوهه ۾ ڏوهي آهي، جيڪڏهن اهو:

(a) پولنگ اسٽيشن ويجهو بي ترتيب ڪم ڪري ٿو، پولنگ اسٽيشن ۾ يا ويجهو مداخلت ڪري ٿو، ووٽنگ جي رازداري ۾ مداخلت ڪري ٿو يا اميدوار جي مفادن کي خراب طرح متاثر ڪري ٿو.

(b) پاڪستان جي ملازمت ۾ ڪنهن شخص جي مدد سان ڪنهن اميدوار جي چونڊ ۾ هٿي وٺرائڻ يا رڪاوٽ وجهڻ لاءِ مدد حاصل ڪري ٿو يا فراهم ڪري ٿو يا حاصل ڪرڻ يا فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

(c) اهو ڄاڻيندي به ته اهو نااهل آهي يا ووٽ ڏيڻ لاءِ اهل ناهي پوءِ به ووٽ ڪري ٿو يا ووٽنگ لاءِ بيلٽ پيپر لاءِ اپلاءِ ڪري ٿو.

(d) ساڳي پولنگ اسٽيشن ۾ هڪ کان وڌيڪ ڀيرا ووٽ ڪري ٿو يا ووٽنگ لاءِ بيلٽ پيپر لاءِ اپلاءِ ڪري ٿو.

(e) ساڳي چونڊ لاءِ هڪ کان وڌيڪ پولنگ اسٽيشن ۾ ووٽ ڪري ٿو يا ووٽنگ لاءِ بيلٽ پيپر لاءِ اپلاءِ

ڪري ٿو.

(f) پول دوران پولنگ اسٽيشن مان بيلٽ پيپر هٽائي ٿو.

(g)دفعہ 180 ۾ ڄاڻايل تشهير تي پابندي جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو يا اليڪشن ايڪٽ 2017 جي دفعہ 181 تحت ترقياتي اسڪيمز جي اعلان تي پابندي جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو.

(h)اليڪشنز ايڪٽ، 2017 جي دفعہ 182 ۾ بيان ڪيل مخصوص عرصي دوران عوامي گڏجاڻيءَ تي پابندي جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو.

(i) چونڊن خرچن جي سلسلي ۾ اليڪشن ايڪٽ، 2017 جي دفعہ 134 تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو.

(j) عوامي گڏجاڻي ۾ يا چونڊ مهم واري عرصي دوران جلوس ۾، پول واري ڏينهن ۽ رٽرننگ آفيسر طرفان سرڪاري نتيجن جي اعلان جي چوويهن ڪلاڪن تائين ڪنهن بہ قسم جو هٿيار يا اسلحو کڻي ٿو يا نمائش ڪري ٿو.

(k)عوامي گڏجاڻي ۾ يا پولنگ اسٽيشن ويجهو هوائي فائرنگ ڪري ٿو يا ڦٽاڪا ڦاڙي ٿو يا ٻيو ڌماڪيدار مواد استعمال ڪري ٿو. يا

(l) ڪنهن چونڊ عملدار يا پولنگ اسٽيشن تي ڪم لاءِ سرڪاري طور مقرر ڪنهن ٻئي شخص خلاف ڪنهن بہ طريقي يا ڪهڙي بہ ريت تشدد جو سهارو وٺي ٿو.

وضاحت: شق (j) ۾ استعمال ٿيل لفظ "هٿيار" ۾ شامل آهي، ڏنڊو، لٺ، چاقو، ڪهاڙي، يا ڪا ٻي شئي جيڪا ڪنهن ٻـ شخص کي زخمي ڪرڻ لاءِ هٿيار طور استعمال ڪري سگهجي.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت ڏوهن تي اليڪشنز ايڪٽ، 2017 جي دفعہ 192 جي گنجائش تحت ڪارروائي ڪئي ويندي.

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 62 جي ترميم
Amendment of section 62 of Sindh Act No.XLII of 2013

8. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 62 لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"62. ڪاغذن سان ڇيڙ ڇاڙ. (1) سواءِ جيئن اليڪشنز ايڪٽ، 2017 جي دفعہ 172 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ فراهم ڪيو ويو آهي، ماڻهو ڪاغذن سان ڇيڙ ڇاڙجو ڏوهي هوندو، جيڪڏهن اهو:

(a) ڪنهن نامزدگي ڪاغذ، بيلٽ پيپر يا بيلٽ پيپر تي سرڪاري نشان کي ڄاڻي واڻي خراب ڪري ٿو يا تباهہ ڪري ٿو، يا
(b) ڄاڻي واڻي ڪنهن بيلٽ پيپر کي پولنگ اسٽيشن کان ٻاهر ڪڍي وڃي ٿو يا ڪنهن بيلٽ باڪس ۾ بيلٽ پيپر جنهن جي وجهڻ لاءِ اهو قانوني طور مجاز آهي ان کان سواءِ ڪو بيلٽ پيپر بيلٽ باڪس ۾ وجهي ٿو،
(c) بنا مجاز اختياري جي:
(i) ڪنهن شخص کي ڪو بيلٽ پيپر فراهم ڪري ٿو،

(ii) ڪنهن بيلٽ باڪس يا اليڪشن مقصد لاءِ استعمال ۾ بيلٽ پيپرز جي پيڪيٽ کي تباهه ڪري ٿو ڪٽي ٿو، کولي ٿو يا ٻي صورت ۾ مداخلت ڪري ٿو، يا

(iii) اليڪشنز ايڪٽ، 2017 جي گنجائشن موجب لڳايل ڪا مهر ٽوڙي ٿو، يا

(iv) ڪنهن بيلٽ پيپر يا سرڪاري نشانن کي بگاڙي ٿو، يا

(v) پول ختم ٿيڻ تي فوري طور تي ڳڻپ جي طريقيڪار جي شروعات، ڪارروائي يا مڪمل ٿيڻ واري عمل ۾ ڪنهن دير يا مداخلت جو سبب بڻجي ٿو.

(2) چونڊ جي سلسلي ۾ ڊيوٽي تي موجود ڪو چونڊ عملدار جيڪو ذيلي دفعه (1) تحت ڏوهه جو ڏوهي هجي، ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي جيڪا ڇهه مهينن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو هڪ سئو هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.".

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**